# قِيامَت جو امتحان

سنڌي ترجمو

هن رسالي ۾......


قيامت جا پنج سوال 5
هڪ لک روپيا انعام 7
بد نصيب مزدو 8
T.V ڪڏهن ايجاد ٿي؟ 13
جاهِل پروفيسر 14
مالداريون ۽ بيماريون 20
نويد عطاري تي ڪرم 29



شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنت، باني دعوتِ اسلامي، حضرت علامه مولانا ابو بلال
محمد الياس عطار قادري رضوي دامت برڪاتهم العاليه



مدني ڏسندا رهو



مڪتبة المدينه
(دعوتِ اسلامي)

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الۡمُرۡسَلِیۡنَ

اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ؕ

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي
ڇڏيو جيڪو ڪجھ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

**اَللّٰهُمَّ افۡتَحۡ عَلَیۡنَا حِکۡمَتَكَ وَانۡشُرۡ عَلَیۡنَا رَحۡمَتَكَ یَا ذَاالۡجَلَالِ وَالۡاِکۡرَام**

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي
رحمت نازل فرماء! اي عظمت ۽ بزرگي وارا. (مُستطرَف ج 1 ص40 دار الفڪربيروت)



طالب غم
مدينه
بقيع
و
مغفرت

(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)


| | |
|---|---|
| رسالي جو نالو: | قِيامت جو امتحان |
| تاريخِ اشاعت: | مُحرم الحرام 1437ھ، آڪٽوبر2015ع |
| تعداد: | 5000 |
| ڇاپيندڙ: | مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي |



مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي


**ڪتاب خريد ڪندڙ توجھ فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ
۾ اڱتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.


www.dawateislami.net

# قِيامت جو امتحان

هي رسالو "قِيامت کا امتحان" شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوتِ اسلامي **حضرت علامہ مولانا ابو بِلال مُحَمّد الياس عَطار قَادري رَضَوي** دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جو اردو زبان ۾ تحريري بيان آهي.

مجلسِ تراجم (دعوت اسلامي) هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمو ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته مجلسِ تراجم کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

**پيشڪش: مجلسِ تراجم (دعوتِ اسلامي)**


**رابطي جي لاءِ:**

**مڪتب مجلس تراجم (دعوتِ اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 1262

**Email:** translation@dawateislami.net


www.dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# قِيامت جو امتحان*

شيطان لک سستيون ڏياري هي رسالو شروع کان آخر تائين پڙهو، اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ توهان پنهنجي دل ۾ مدني انقلاب برپا ٿيندي محسوس ڪندو.

## دُرود شريف جي فضيلت

شَفِيعُ الْمُذنِبين رَحمَةٌ لِّلْعٰلمين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ دِلنَشين آهي: ”جنهن صبح ۽ شام مون تي ڏهه ڏهه ڀيرا دُرود پاڪ پڙهيو قِيامت جي ڏينهن ان کي منهنجي شفاعت نصيب ٿيندي.“ (مجمع الزوائد ج10 ص163 حديث 17022)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مدني مُنيء جو خوف

اڄ رات جو هڪ ننڍڙو ٻار اوچتو اُٿي وِينو ۽ رڙيون ڪري روئڻ لڳو. والد صاحب گهبرائيندي سجاڳ ٿيو ۽ چوڻ لڳو: او منهنجا لال! ڇا ٿيو؟ ٻار روئيندي جواب ڏنو: بابا جان! سڀاڻي خميس جو ڏينهن آهي، استاد صاحب پوري سبقن جو امتحان وٺندو. مان پڙهائيءَ تي توجهه ناهي ڏني، سڀاڻي استاد صاحب

---

*هي بيان امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه پير ڪالوني، باب المدينه ڪراچي ۾ (اندازاً جمادي الاولي1422ھ بمطابق 26-7-2001) تي ٿيڻ واري سنتن ڀري اجتماع ۾ فرمايو. ضرورتاً ترميم سان تحريري طور تي حاضر خدمت آهي.

مجلس مڪتبة المدينه

www.dawateislami.net

فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو اللہ تعالیٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي.** (مسلم)

مون کي ماريندو. اهو چوندي بار ”هاءِ هون، هاءِ هون“ ڪرڻ لڳو. ان تي والد صاحب جي اکين ۾ ڳوڙها ڀرجي آيا ۽ پنهنجي نَفْس کي مخاطب تي چوڻ لڳو: ”هن بار کي ته صرف هڪ هفتي جو حساب ڏيڻو آهي ۽ استاد کي ته ڏوڪو به ڏئي سگهجي ٿو، ان جي باوجود هي روئي رهيو آهي ۽ مار جي خوف کان ان کي ننڊ نه ٿي اچي، ۽ افسوس! جو مون کي ته سڄي زندگيءَ جو حساب ان واحِدِ قهّار جَلَّ جَلالُهُ کي ڏيڻو آهي. جنهن کي ڪو به ڏوڪو نه ٿو ڏئي سگهي، مون کي **قيامت جو امتحان** درپيش آهي پر مان غافل ٿي سمهي رهيو آهيان، آخر مون کي ڪو خوف ڇو نه ٿو اچي!“ (درة الناصحين ص 295 بتغير)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** هن حڪايت ۾ اسان جي لاءِ عِبرت جا بيشمار **مدني گل** آهن، توهان به غور فرمايو مان به سوچيان ٿو. هڪ بار، ان جي سوچ ۽ ان جي ڀيءُ جي مدني سوچ ڏسو! بار مَدْرَسي جي ”حساب“ جي خوف کان روئي رهيو آهي ۽ ڀيءُ قيامت جي حساب جي سختيءَ کي ياد ڪري غمگين آهي.

ڪريم اپنے ڪرم ڪا صدقہ لئيم بے قدر[1] ڪو نہ شرما

تو اور گدا سے حساب لينا گدا بھی ڪوئی حساب ميں ہے

---

[1] لئيمِ بے قدر يعني نِڪمّو، ڪميڻو

فرمانِ مُصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **مون تي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهو بيشڪ توهان جو مون تي درود پڙهڻ توهان جي گناهن جي لاءِ مغفرت آهي.** (جامع صغير)

(هي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جو مَقْطع آهي. ۽ بنهي جڳهن تي رَضا جي جڳهه تي سگِ مدينه عُفِي عنه پنهنجي نيَّت سان "گدا" ڪري ڇڏيو آهي.)

## وليُ الله جي دعوت جي حڪايت

**حضرت سَيِّدُنا حَاتِمِ اَصَمّ** عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْاَكْرَم کي هڪ امير شخص بَاِصرار طعام جي دعوت ڏني، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمايو: منهنجا هي ٽي شرط مڃو تہ ايندس. (1) مان جتي چاهيندس ويهندس (2) جيڪو چاهيندس کائيندس (3) جيڪو چوندس اهو اوهان کي ڪرڻو پوندو. ان مالدار اهي ٽئي شرط قبول ڪيا، وليُّ الله جي زيارت جي لاءِ تمام گهڻا ماڻهو گڏ ٿيا، مقرر وقت تي **حضرتِ سيّدنا حَاتِمِ اَصَمّ** عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْاَكْرَم جن بہ تشريف فرما ٿيا ۽ جتي ماڻهن جون **جُتيون** پيون هيون اتي ويهي رهيا. جڏهن کاڌو شروع ٿيو تہ حضرت سيّدنا حَاتِمِ اَصَمّ عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْاَكْرَم پنهنجي جهولي ۾ هٿ وجهي **سُڪل ماني** ڪڍي کاڌي. جڏهن طعام جو سلسلو ختم ٿيو تہ مَيزبان کي فرمايو: "چُلهو ڪڍي اچو ۽ ان تي تئو رکو" حڪم جي تعميل ٿي، جڏهن باهہ جي تَپش کان تئو ڳاڙهو لال ٿيو تہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه پيرين اُگهاڙي ان تي بيهي رهيا، ۽ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمايو: "**مُون اڄ جي کاڌي ۾ سُڪل ماني کاڌي آهي.**" اهو چئي تئي کان هيٺ لهي آيا ۽ حاضِرين کي فرمايائون: "**هاڻي توهان حَضرات هن تئي تي بيهي جيڪو ڪجهہ کاڌو آهي ان جو حساب ڏيو.**" اهو ٻڌي سيني ماڻهن جون

فرمانِ مُصطَفي صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **مون تي درود شريف پڙهو الله تعاليٰ توهان تي رحمت موڪليندو- (ابن عدي)**

رڙيون نڪري ويون، هڪ آواز تي چوڻ لڳا: يا سَيِّدي! اسان ۾ هن جي طاقت ناهي. (ڪتي هي گرم گرم تئو ۽ ڪتي اسان جا نازڪ پير! اسان تہ گناهگار دنيا دار ماڻهو آهيون) پاڻ رَحمَۃُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه فرمايو: جڏهن هن دنيوي گرم تئي تي بيهي اَج صرف هڪ وقت جي کاڌي جي نعمَت جو حساب نٿا ڏئي سگهو تہ سڀاڻي قيامت جي ڏينهن اوهان پوري زندگي جي نعمتن جو حساب ڪئين ڏيندؤ! پوءِ پاڻ رَحمَۃُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه سيپاري 30 **سُوْرَةُ التَّكَاثُر** جي آخِري آيت جي تلاوت فرمائي:

ثُمَّ لَتُسۡـَٔلُنَّ يَوۡمَئِذٍ عَنِ النَّعِيۡمِ ﴿٨﴾ **ترجموڪنزالايمان:** پوءِ بيشڪ ضرور ان ڏينهن توهان کان نعمتن جي پڇا ٿيندي .

هي رِقّت انگيز ارشاد ٻڌي ماڻهون رڙيون ڪري روئڻ ۽ گناهن کان توبهه ڪرڻ لڳا. (ملخصًا تذكرة الاولياء ج اول ص 222)

اللهعَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي. اٰمِين بِجَاہِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صدقہ پیارے کی حیاء کا کہ نہ لے مجھ سے حساب
بخش بے پوچھے لجائے[1] کو لجانا[2] کیا ہے (حدائق بخشش)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

---

[1]لجائے يعني شرمنده. [2]لجانا شرمنده ڪرڻ

فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي ڏهہ ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ (100) رحمتون نازل فرمائي ٿو.** (طبراني)

# قِيامت جا پنج سوال

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اسان توڙي روئُون يا کِلون، جاڳُون يا غُفلت جي ننڊ سُمهندا رهون، **قِيامت جو امتِحان** برحق آهي. ”ترمذي شريف“ ۾ هن امتحان جي باري ۾ فرمايو ويو آهي: انسان ان وقت تائين قِيامت جي ڏينهن پير نہ هٽائي سگهندو، جيستائين هنن پنجن سُوالن جا جواب نہ ڏئي. (1) تون زندگي ڪيئن بسر ڪئي؟ (2) جواني ڪيئن گذاري؟ (3) مال ڪٿان ڪمايو ۽ (4) ڪِٿي ڪِٿي خَرچ ڪيو؟ (5) پنهنجي علم جي مطابق ڪيتري قدر عمل ڪيو؟ (ترمذي ج 4 ص188 حديث2424)

# امتِحان مٿان آهي

اڄ دُنيا ۾ جنهن طالبِ عِلَم جو امتحان قريب اچي وڃي تہ اهو ڪيترائي ڏينهن پهريان ئي پريشان ٿي ويندو آهي، ان تي هر وقت هڪ ئي ڌُن سوار هوندي آهي. ”امتِحان مٿان آهي“ اهو راتين جو جاڳي ان جي تياري ۽ اهم سُوالن تي خوب ڪوشش ڪندو آهي تہ شايد هي سوال اچي وڃي شايد هُو سوال اچي وڃي. هر امڪاني سُوال کي حل ڪندو آهي. حالانڪ دنيا جو امتِحان تمام آسان آهي. هن ۾ ڌانڌلي ٿي سگهي ٿي، رِشوت هلي سگهي ٿي ۽ ان جو فائدو بہ فقط ايترو جو پاس ٿيڻ واري کي هڪ سال جي ترقّي ملي ويندي آهي، جڏهن تہ فيل ٿيڻ واري کي جيل ۾ نہ وڌو ويندو آهي، صِرف ايترو نقصان ٿيندو

فرمانِ مُصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **توهان جتي به هجو مون تي درود پاڪ پڙهو توهان جو درود مون تائين پهچي ويندو آهي.** (طبراني)

آهي جو هڪ سال جي ملڻ واري ترقيءَ کان ان کي محروم ڪيو ويندو آهي. ڏسو ته سهي! هن دنياوي امتحان جي تياري جي لاءِ انسان ڪيتري پَچ ڊُڪ ڪري ٿو، ايستائين جو نِنڊ ڦِٽائڻ واريون گوريون کائي سڄي رات جاڳي امتحان جي تياري ڪندو آهي پر افسوس! **قِيامت جي امتحان** جي لاءِ اڄ مسلمان جي ڪوشش نه هئڻ جي برابر آهي. جنهن جو نتيجو پاس ٿيڻ جي صورت ۾ جنّت جون نه ختم ٿيڻ واريون ابدي راحتون ۽ فيل ٿيڻ جي صورت ۾ جهنّم جون هولناڪ سزائون!

پیشتر مرنے سے کرنا چاہیے
موت کا سامان آخر موت ہے

## مسلمانن سان سازِشون

آهـ! اڄ مسلمانن سان زبردست سازِشون ٿي رهيون آهن. آهستي آهستي اسلام جي محبت دلين کان پري ڪئي پئي وڃي، عظمتِ مصطفٰی صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي سينن مان ڪڍيو پيو وڃي، سنّتِ مصطفٰی صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي مٽايو پيو وڃي، جيڪو ڪجهه اسان جي معاشري ۾ ٿي رهيو آهي ان تي غور ته فرمايو! افسوس! شادين ۽ خوشيءَ جي موقعن تي مسلمان رستن تي نَچندي نظر اچي رهيا آهن، شَرَم ۽ حياء ختم ڪيو ويو آهي.

ولولہ سنّتِ محبوب کا دیدے مالک
آہ! فیشن پہ مسلمان مرا جاتا ہے

www.dawateislami.net

فرمانِ مُصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: مون تي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهو بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت آهي- (ابويعلي)

# هڪ لک روپيا انعام

**بَهرحال** اسلام دشمن طاقتن جون هي سازِشون هاڻي ڪان نه، تمام گهڻو پهريان ڪان هلي رهيون آهن ته پهريان مسلمانن کي سرڪارِ مدينه صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سنّتن کان پري ڪري ڇڏيو، انهن کي عيش عِشرت جو عادي بڻائي ڇڏيو پوءِ جيترو چاهيو انهن کي بيوقوف بڻايو ۽ انهن تي راڄ ڪيو. مان سمجهان ٿو ته اڄڪلهه مشڪل سان چار يا پنج سيڪڙو مسلمان نماز پڙهندا هوندا. يعني 95% سيڪڙو مسلمان شايد نماز ئي ناهن پڙهندا ۽ جيترا نماز پڙهندا آهن انهن ۾ به شايد هزارن مان هڪ به مسلمان اهڙا هوندا جن کي ظاهري ۽ باطني آداب سان نماز پڙهڻ ايندي هجي! هن وقت ڪَثِير اجتماع آهي، هنن ۾ هڪ ڪان هڪ تعليم يافته هوندو ڪو ماستر هوندو ته ڪو ڊاڪٽر، ڪو انجنيئر، هوندو ته ڪو آفيسر. عُلماءِ ڪرام ڪان علاوه لڪين عام مُسلمانن جي اجتماع ۾ جيڪڏهن هڪ لک روپيا ڏيکاري هي سوال ڪيو وڃي ته ٻڌايو نماز جا ڪيترا رُڪن آهن؟ درست جواب ڏيڻ واري کي هڪ لک روپيا انعام ڏنو ويندو! شايد توهان جا لک روپيا محفوظ ئي رهن. ڇاڪاڻ ته دنيا جو هڪ ڪان هڪ فن سکيو پر نماز جا رُڪن سکڻ ڏانهن ڌيان ئي نه ڏنو! اڄڪلهه نماز پڙهڻ واري کي به شايد ئي هي معلوم هجي ته نماز ۾ ڪيترا رُڪن آهن، سجدو ڪيترن هڏين

تي ڪيو ويندو آهي يا وُضُو ۾ ڪيترا فرض آهن.

ڪام دیں سے رکھ، نہ رکھ دنیا سے کام
پھر نہ سَرگردان آخِر موت ہے
دولت دنیا کو نَفع سمجھا ہے
دیں کا ہے نقصان آخِر موت ہے

## پيءُ جو جنازو

پيءُ جو جنازو رکيل آهي پر ماڊرن پُٽ منهن هيٺ ڪري پري بيٺو آهي. ويچارو جنازي جي نماز پڙهڻ نٿو ڄاڻي! ڇو؟ انهيءَ ڪري ته بدنصيب پيءُ پُٽ کي صرف دُنيوِي تعليم ئي ڏياري هئي، فقط دولت ڪمائڻ جا گُر سيکاريا هئا، صد ڪروڙ افسوس! جنازي جي نماز جو طريقو نه ٻڌايو هيو، جيڪڏهن پيءُ جنازي جي نماز سيکاري ها، قرآن پاڪ جي تعليم ڏياري ها، سنّتن تي عمل ڪرڻ جي عادت وجهي ها ته مرڻ کان بعد پُٽ پري ڇو بيهي ها، اڳتي وڌي پاڻ جنازي جي نماز پڙهائي ها ۽ خوب خوب ايصالِ ثواب ڪري ها. آهه! هن کي ته ايصالِ ثواب ڪرڻ به نه ٿو اچي! هاءِ هاءِ! مرڻ واري پيءُ جي بدنصيبي!

## ٽهر جي پاهران ايصالِ ثواب پر اندر......؟

هڪ اسلامي ڀاءُ مون کي مرڪزُ الاولياء لاهور جو هي واقعو ٻڌايو ته اسان جو هڪ رشتيدار مال ڪمائڻ جي لاءِ پاڪستان کان ٻاهر ويو ۽ مال ڪمائي ان رنگين T.V. ۽ V.C.R. گهر موڪلي، پوءِ پاڻ جڏهن وطن آيو ته ان جو انتقال ٿي ويو.

**فرمانِ مُصطَفٰي** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي.** (مسلم)

اسلامي ڀاءُ جو چوڻ آهي تہ منهنجو وڏو ڀاءُ رشتيداريءَ سبب مرحوم جي ڏهين ۾ مرڪزُ الاولياء لاهور ويو. جڏهن گهر جي ويجهو پهتو تہ ڏٺائين تہ ٻاهر قرآن خُواني تي رهي آهي ۽ فاتِحہ جي لاءِ ديگيون پچي رهيون آهن . جڏهن گهر جي اندر ويو تہ هي ڏسي حيران رهجي ويو تہ **مرحوم** جي گهرواري ۽ ٻار V.C.R تي فلم ڏسڻ ۾ مشغول آهن! گهر جي ٻاهران ايصالِ ثواب ۽ **مُڙدي** جي گهر جي اندر اُنهيءَ جي آنڌل V.C.R تي معاذالله عَزَّوَجَلَّ گُناهہ تي رهيو هو!

ايمان پہ موت بہتر او نفس!
تيری ناپاک زندگی سے (حدائق بخشش شريف)

## دِين تان ڀري ڪيو ڀيو وڃي

**پنهنجي** اولاد سان محبت ڪرڻ وارؤ! جيڪڏهن پنهنجي ٻچن کي T.V. ۽ V.C.R. وٺي ڏيندؤ تہ شايد توهان جي جنازي جي نماز بہ نہ پڙهي سگهندا بلڪ قَبر تي صحيح معنيٰ ۾ فاتِحہ بہ نہ پڙهي سگهندا. جن جي سامهون **قيامت جو امتحان** هوندو آهي انهن جي دل جَلندي آهي تہ اسان جي دلين ۾ اسلام جي جيڪا توري گهٽي مَحبَّت آهي اها بہ ڪڏي پئي وڃي. ڏسو! هِسپانيہ (اسپين) جيڪو ڪنهن وقت اسلام جو مرڪز هيو اتي مسجدن کي تالا هنيا ويا! گهڻا اهڙا مُلڪ بہ آهن جتي قرآن

فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام درودِ پاڪ پڙهيو ان کي قيامت جي ڏينهن منهنجي شفاعت ملندي. (مجمع الزوائد)

شريف پڙهڻ ته پري جي ڳالهه رکڻ تي ئي پابندي آهي. اسلام جي دشمنن جي طرفان هي سازِش ڪئي پئي وڃي ته هنن مسلمانن جي دلين مان دين جي مَحبَّت ڪڍي ڇڏيو. بيشڪ هي ماڻهو پنهنجو پاڻ کي مسلمان چون، پر انهن کي اندر کان بلڪل خالي ڪري ڇڏيو.

ڪثرتِ اولاد ثروت پر غُرور

کيوں ہے اے ذيشان آخر موت ہے

## مُسلمان تـي مُسلمان ڪـٿـي ڇڏيو آهي؟

**هڪ** پاڪستاني عالم جي ڪنهن غير مسلم مذهبي رهنُما سان ڳالهه ٻولهه ٿي، ان کي پنهنجي انداز ۾ عرض ڪيان ته: گُفتگو جي دوران غير مُسلم رهنُما ٻڌايو ته پاڪستان ۾ اسان جي مذهب جي تبليغ تي اسان جو ڪَثِير ناڻو خرچ ٿيندو آهي. انهيءَ عالم صاحب پڇيو: توهان اڄ تائين ڪيترو سيڪڙو مسلمانن جو مذهب تبديل ڪيو آهي؟ ان چيو: تمام ٿورن جو، ته انهيءَ عالم فاتحانه انداز ۾ چيو، ان جو مطلب هي ته توهان جون تحريڪون اسان جي ملڪ ۾ ناڪام آهن . ان تي هو ڪلي چوڻ لڳو: مولوي صاحب! اهو صحيح آهي ته اسان کي مُسلمانن جي وڏيڪ تعداد تي ڪاميابي حاصل ناهي ٿي، پر هي ٻه ته ڏسو جو اسان مسلمان کي عملي طور تي مسلمان ڪٿي ڇڏيو آهي؟ ڇا توهان **ڪِلين شيو** ۽ پينٽ شرٽ ۾ ملبوس مسلمان ۽ يهوديءَ

فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن ڪتاب ۾ مون تي درودِ پاڪ لکيو ته جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو فرشتا ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا.** (طبراني)

۾ فرق ڪري سگهو ٿا؟ توهان جي هڪ **ماڊَرن** مسلمان ۽ هڪ يهوديءَ کي برابر بيهاريو وجي ته ڇا توهان سڃاڻپ ڪري سگهندؤ ته انهن ۾ مسلمان ڪير آهي؟ ان تي عالمِ صاحِب خاموش ٿي ويو! **مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** هي حقيقت آهي ته معاذالله عَزَّوَجَلَّ اسان جي صورت ۽ لباس مان هاڻي مسلمانن جون ظاهري علامتون تقريبًا ختم ٿي چڪيون، سنّتن کان بي انتها دُوري ٿي وئي، جن جو چهرو نبيءِ پاڪ، صاحبِ لولاڪ، سَيّاحِ افلاڪ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سُنّت جي مطابق هجي شايد اهڙا مسلمان هاڻي **هڪ** سيڪڙو به نه رهيا!

## شيطان جي سازِش

افسوس! تقريباً 99% سيڪڙو مسلمان اڄ غير مُسلمَن جهڙي چهري ۽ لباس ۾ ملبوس رهندا آهن. ٿي سگهي ٿو ڪنهن کي منهنجي ڳالهه سٺي نه لڳي ۽ انهيءَ جي ڪري ان کي مون تي ڪاوڙ به ايندي هجي، **ياد رکو!** هي به شيطان جي هڪ سازش آهي ته جڏهن انهن مُسلمانن کي دِين جي ڪا به ڳالهه ٻڌائي وڃي ته ڪاوڙ اچي وڃي ۽ ٻُڌڻ جي بجاءِ اُلٽي هليا وڃن ته جيئن ذهن ۾ ڪا سُٺي ڳالهه گهر ئي نه ڪري سگهي. **شيطان** منهنجي ڳالهين تي شايد خوب کلي رهيو هوندو جو توڙي لکين مسلمان **دعوتِ اسلامي** جي مَدَني ماحول ۾ اچي به ويا آهن ته ان سان ڇا ٿيندو! دنيا ۾ ڪروڙها ڪروڙ اهڙا آهن جيڪي

www.dawateislami.net

فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **جيڪو مون تي جمعه جي ڏينهن درود شريف پڙهندو قيامت جي ڏينهن مان ان جي شفاعت ڪندس.** (ڪنزالعمال)

ڏاڙهي ڪوڙي يا هڪ مُٺ کان گهٽ ڪري اسلام جي دُشمنن جهڙو چهرو بڻايون ۽ لباس اپنايون وينا آهن. اڄڪلهه جي بيشمار مُسلمانن جي بي عَملي جي ڪري غالباً دعوتِ اسلامي جي مُبَلِّغَن کي چوندو هوندو توهان چاهي ڪيترو به زور لڳايو پر هاٿي ماٺهو اوهان جي ڳالهين ۾ اچڻ وارا ناهن، مان انهن جو تهذيب ۽ تمَدُّن سڄو سارو بدلائي ڇڏيو آهي انهن جا چهرا ۽ لِباس توهان جي مَحبُوب صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ۽ ان جي **عاشقن** جهڙا ناهن بلڪ منهنجي متوالن ۽ جهنَّم ۾ مون سان گڏ رهڻ وارن جهڙا ٿي رهندا. مان انهن کي نفس جي لذّتن ۾ ڦاسائي ٿي رکندس.

سرورِ دیں لیجے اپنے ناتوانوں کی خبر
نفس و شیطاں سیِّدا کب تک دباتے جائیں گے (حدائقِ بخشش شریف)

## گناهن جون شيون

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** پهريان ابتدا ۾ ريڊيو پاڪستان تي ”اوهان جي فرمائش“ جي عنوان سان ريڊيو تي گانا ٻڌڻ لاءِ ملندا هئا پر وري به هر ڪنهن کي ان جي مرضيءَ جي مطابق گانا ٻڌڻ لاءِ نہ ملندا هئا، پوءِ **ٽيپ رڪارڊر** جو سلسلو هليو ۽ هر ڪو پنهنجي مرضيءَ سان گانا ٻڌڻ لڳو. ٿي سگهي ٿو ڪو چوي مان تہ **ٽيپ رڪارڊر** ۾ بيان ۽ نعتون وغيره ٻڌندو آهيان،

فرمانِ مُصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن جمعه جي ڏينهن مون تي ٻه سؤ ڀيرا درودِ پاڪ پڙهيو ان جا ٻه سؤ (200) سالن جا گناهه معاف ٿيندا.** (كنزالعمال)

توهان دُرست ٿا فرمايو پر مان اڪثريت جي ڳالهه ڪري رهيو آهيان، يقينًا هاڻي هزارن ۾ بلڪ لکن ۾ شايد ڪو اهڙو مُسلمان هوندو جيڪو **تلاوت، نعتون ۽ بيان ٻڌڻ لاءِ ٽيپ رڪارڊر** خريد ڪندو هوندو، اڪثريت گانا ئي ٻڌڻ جي لاءِ ئي وٺندي آهي. پر ڪيترائي ڀيرا سُنّتن جو درد رکڻ وارا اسلامي ڀائر مون سان ڏک بيان ڪندا آهن ته اسان جڏهن ٻه اوهان جي سنتن ڀري بيان جي ڪيسيٽ هلائيندا آهيون ته گهر وارا جهيڳڙو ڪندا ۽ زبردستي فلمي گانن جي ڪيسيٽ هلائيندا آهن ۽ اسان جي بي عزتي ڪندا آهن ۽ اوهان (سگ مدينه عُفِي عنه) کي به بُرو ڀلو چوندا آهن. آهه! يا رسول الله!

ٺڪرائے کوئی دُرکارے کوئی، دیوانہ سمجھ کر مارے کوئی
سلطانِ مدینہ یہ بے خبر ہوں آپ کے خدمتگاروں میں

## T.V ڪڏهن ايجاد ٿي؟

ماڻهن کي وڌيڪ عَياشين ۾ ڌڪي ڇڏڻ لاءِ 1925ع ۾ شيطان .T.V هَلائي ڇڏي. شروع شروع ۾ هي ڪافِرن وٽ ئي هئي، ان ڪان پوءِ مسلمانن وٽ ۽ پاڪستان ۾ به اچي پهتي. شروع شروع ۾ وڏن شهرن جي خاص خاص پارڪن وغيره ۾ لڳائي ويندي هئي ۽ ان تي ماڻهن جو هجوم هوندو هو، پوءِ آهستي آهستي ان گهرن ۾ داخل ٿيڻ شروع ڪري ڇڏيو، پر اجا

فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نه پڙهي ته اهو ماڻهن ۾ ڪنجوس ترين شخص آهي.** (ترغيب وترهيب)

اها بليڪ اينڊ وائيٽ هئي، ان کان پوءِ وڏيڪ تفريح جي لاءِ رنگين .T.V به ايجاد ٿي وئي! وري ڪجهه عرصي کان پوءِ پاڪستان ۾ .V.C.R جي آمد ٿي ۽ گهرن ۾ غير قانوني سئنيما گهر کلي ويا ۽ ماڻهو لڪي لڪي ڏهن ڏهن روپين ۾ فلمون ڏسڻ لڳا، انهن ڏينهن ۾ اخبار ۾ ڇپيو ته ڪراچي جي لاءِ V.C.R جا ايترا ايترا لائسنس جاري ڪيا ويا! هينئر فلمون ڏسڻ جو جيڪو ”جُرم“ ماڻهو رشوتون ڏئي ۽ لڪي لڪي ڪندا هئا انهيءَ گناهه کي معاذالله عَزَّوَجَلَّ ”قانوني تحفُّظ“ حاصل ٿي ويو! ۽ طرح طرح جي گناهن ڀري گندي فلمن جون نحوستون ڪٽي V.C.R گهر گهر اچي وئي. ياد رکو! جيڪڏهن ملڪي قانون ڪنهن گناهه کي جائز ڪري ڇڏي ته اهو جائز نه ٿي ويندو آهي.

کب گناہوں سے کنارہ میں کروں گا یارب!
نیک کب اے میرے اللہ! بنوں گا یارب!

## جهنم ۾ ٿيو ڏيڻ جي ڌمڪي

هڪ دفعي ڪنهن نوجوان مُون (سگ مدينه عُفي عنه) کي چيو: مان باب المدينه ڪراچي جي علائقي رنڇوڙ لائين ۾ ٽيڻ واري دعوت اسلامي جي هڪ اجتماع ۾ سنّتن ڀريو بيان ٻڌي ڏاڙهي مبارڪ جي سنّت پنهنجي چهري تي سجائي ورتي آهي. منهنجي ماءُ مون کي ڏاڙهي رکڻ نٿي ڏئي اها ڌمڪي ڏيندي آهي ته جيڪڏهن تون ڏاڙهي نه ڪوڙائي ته مان زهر کائي مري ويندس.

فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **ان شخص جو نڪ مٽيءَ ۾ ملي وڃي جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي دُرُودِ پاڪ نہ پڙهي.** (حاڪم)

هي ڪو ڪافر زادو نہ مسلمان جو پٽ هو. ان جي مسلمان چورائڻ واري ماءُ ان کي سنّت کان روڪيندي خودڪشي جي ڌمڪي ڏيندي هئي. جڏهن ته هيئن چوندي هئي پُٽ! ڏاڙهي ڪوڙائي ڇڏ نہ تہ مان جهنّم ۾ ٽپو ڏئي ڇڏيندس! آهہ! مسلمان چورائڻ وارن جي سنّتن کان ايتري قدر دُوري! الامان والحفيظ.

وہ دور آیا کہ دیوانہ نبی کیلئے ہر ایک ہاتھ میں پتّھر دکھائی دیتا ہے

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ياد رهي! ڏاڙهي ڪوڙائڻ يا هڪ مُٺ کان گهٽائڻ ٻئي گناهہ، حرام ۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارا ڪم آهن ۽ والدين جيڪڏهن ڪنهن گناهہ جو حڪم ڏين تہ انهن جي اها ڳالهہ نہ مڃي ويندي جو حديثِ پاڪ ۾ آهي "لَا طَاعَةَ فِي مَعْصِيَةِ اللهِ اِنَّمَا الطَّاعَةُ فِي الْمَعْرُوْفِ" يعني اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي نافرماني ۾ ڪنهن جي اطاعت جائز ناهي، اطاعت تہ صرف نيڪي جي ڪمن ۾ آهي. (مسلم ص 1023 حديث 1840) ۽ جيڪي والدين اولاد کي ڏاڙهي رکڻ کان روڪين ٿا انهن کي ان کان رُڪجڻ ضروري آهي جو ڏاڙهي رکڻ سنّتِ رسول ۽ هڪ عظيمُ الشّان نيڪي آهي، نيڪي ۽ ڀلائي کان روڪڻ مسلمانن جو نہ غير مُسلمن جو طرزِ عمل آهي. جيئن تہ تمام وڏي گستاخِ رسول وليد بن مُغيره جا جيڪي ڏهہ عيب قرآن ڪريم ۾ ذڪر ڪيا ويا آهن انهن مان هڪ عيب هي بہ آهي:

فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنھن وٽ منھنجو ذڪر ٿئي ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو ان جفا ڪئي-** (عبدالرزاق)

مَّنَّاعٍ لِّلْخَيْرِ
(پ۲۹، القلم آيت ۱۲)

ترجمو ڪنزالايمان: خير کان گھڻو روڪڻ وارو

# جاهل پروفيسر

**ڪجھہ** ماڻھو چوندا آھن T.V جي چينلن تي سنيون سنيون ڳالھيون بہ ايندين آھن، ايندين هونديون پر مون کي چوڻ ڏيو تہ ان T.V جي گناهن پرئي ۽ غير ذميدار چينلن درحقيقت بد تميزي جو خوفناڪ طوفان اثاري ڇڏيو آھي ۽ اسلامي مُعاشري کي تباهي جي گھري کڏي ۾ ڌڪي ڇڏيو آهي. چوندا آھن T.V. جي ڪنھن چينل تي ھڪ دفعي ڪوئي **پروفيسر** آيو هو، سوال ۽ جواب تي رهيا هئا، ان ۾ ڏاڙهيءَ جي متعلق سوال آيو. جواب ۾ انھيءَ چيو "ڏاڙهي رکو تہ بہ نيڪ نہ رکو تڏھن بہ نيڪ، ڏاڙهي نہ رکڻ ڪو گناھ ناهي." هاڻي تہ والدين پنھنجي نوجوان پُٽن تي وڏيڪ ڪاوڙجڻ لڳا ۽ اُول فُول بَڪڻ شروع ڪري ڇڏيو تہ توهان **دعوتِ اسلامي** وارن پنھنجي مٿان ڪھڙيون ڪھڙيون سختيون مُسلَّط ڪيون آھن .ايترو وڏو پروفيسر .T.V تي آيو ۽ ان چيو تہ **ڏاڙهي** نہ رکڻ گناھ ناھي ۽ توهان چوندا آهيو گناھ آهي. دين جي معاملي ۾ معلومات کان خالي ان **جاهل پروفيسر** جي انھيءَ غير شَرّعي پر بي عمل ماڻھن جي نفس کي پسند اچڻ واري جواب خبر ناهي ڪيترن

فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ ان مون تي درودِ پاڪ نہ پڙهيو تحقيق اهو بدبخت ٿي ويو-** (ابن سني)

مسلمانن جا ذهن خراب ڪري ڇڏيا!. پر عشقِ رسول صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان پريل دل مان اها ئي صدا ايندي آهي.

مجھے پیارا وہ لگتا ہے، مجھے میٹھا وہ لگتا ہے

عمامہ سر پہ اور چہرے پہ جو داڑھی سجاتا ہے

## نفس ۽ شيطان جي خلاف جهاد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ڏٺو اوهان ڪهڙي چالاڪيءَ سان اسلام جي بنياد کي ڪوڪلو ڪيو پيو وڃي. ڇا اسين ڪجهہ نہ ٿا ڪري سگهون؟ ڇو نہ ٿا ڪري سگهون! دل کي تہ بيزار ڪري سگهون ٿا ۽ اهڙيءَ طرح ثواب تہ ڪمائي سگهون ٿا، اِنْ شَآءَاللّٰہ عَزَّوَجَلَّ نَفس ۽ شيطان جي خلاف اسان جي جنگ جاري رهندي.

سنّتیں عام کریں دین کا ہم کام کریں

نیک ہو جائیں مسلمان مدینے والے

## ڏاڙهي ڪوڙائڻ حرام آهي

منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنّت، مولانا شاهہ امام اَحمد رضا خان عَلَیْہِ رَحْمَۃُ الرَّحْمٰن پنهنجي رسالي "لَمْعَۃُ الضُّحٰی فِی اِعْفَاءِ اللُّحٰی" ۾ آياتِ مُقدّسہ، احاديثِ مُبارڪہ ۽ بزرگانِ دين رَحِمَھُمُ اللّٰہُ تَعَالٰی جي اقوال شريف جي روشني ۾ ڏاڙهي وڌائڻ واجب ۽ ڪوڙڻ يا ڪترائي هڪ مُٺ کان گهٽ ڪرڻ **حرام** ثابت ڪيو آهي. ڏاڙهي رکڻ جي اهميت تي مڪتبۃُ المدينہ جي رسالي **"ڪارا وِڇُون"** (19 صفحہ) جو

فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعالٰي ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي.** (مسلم)

ضرور مطالعو ڪيو. اگر خدانخواسته اوهان ڏاڙهي نه رکي آهي ته اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ توبهه ڪري مدني چهري وارا بڻجي ويندؤ.

## سڪرات جو دل ڏڪائيندڙ تصور

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ڪڏهن تنهائي ۾ ويهي سوچيو ته هڪ وقت سڪرات جو به اچڻو آهي، روح جسم کان جدا ٿي رهيو هوندو، موت جا جهٽڪن تي جهٽڪا اچي رهيا هوندا ۽ آهه! جهٽڪا به اهڙا جو حديث پاڪ ۾ آهي: "موت جو جهٽڪو تلوار جي هزار ضربن کان سخت آهي."

(ملفوظات اعليٰ حضرت ص 496، حلية الاولياءج 8 ص 218 حديث 11934)

هاءِ! هاءِ! منهنجو ڇا ٿيندو، مان ته دنيا جي رنگينين ۾ گم رهيو آهيان، بهتر کان بهترين لَذّتن وارين غذائن ۽ دنياوي نعمتن جو شوقين رهيو آهيان جڏهن ته روايت ۾ آيو آهي: بيشڪ موت جي سڪرات جي شدّت دنيا جي لَذّت جي مطابق آهي، ته جنهن وڌيڪ لَذّتون حاصل ڪيون اُن کي نَزّع جي تڪليف به وڌيڪ ٿيندي. (منهاج العابدين ص 85)

پوءِ اهو وقت به اچي ئي ويندو جو منهنجي نالي جو شور پيل هوندو ته هُن جو انتقال ٿي ويو، جلدي جلدي غَسَّال يعني (غسل ڏيندڙ) کي وٺي اچو! هاڻي غَسَّال تختو ڪڍي اچي رهيو هوندو. مُرده جسم تي چادر ويڙهيل هوندي، مٿي کان ڪاڏيءَ

فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: مون تي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهو بيشڪ توهان جو مون تي درود پڙهڻ توهان جي گناهن جي لاءِ مغفرت آهي. (جامع صغير)

تائين منهن ٻڏل هوندو، پيرن جا ٻئي آڱوٺا ملائي ٻڌا ويا هوندا، غَسَّال ئي غسل ڏيندو، ڪفن پارائيندو، پُٽ نه غسل ڏيندو نه ئي ڪفن پارائيندو ڇو ته جيئن ئي اُن هوش سنڀاليو مان ان کي اسڪول جو در ڏيکاريو. جڏهن وڏو ٿيو ته **ڪاليج** ۾ داخلا ڏياري، پوءِ **اعلىٰ تعليم** جي لاءِ **آمريڪا** موڪليو، دنياوي امتحانن جي تياري جو خوب شوق وڌايو پر نه پڙهايو ته دين نه پڙهايو! **ميّت** کي غسل ڇا خاڪ ڏيندو ان کي ته پاڻ پنهنجي زنده وجود جي **غسل جون سنّتون** به ناهن معلوم، ها ها پيءُ جي آخري خدمت اها به آهي ته ان جو پٽ ئي وهنجاري، ڪفن پارائي، جنازي جي نماز پڙهائي ۽ پنهنجي هٿن سان ئي دفنائي. ظاهر آهي جيڪڏهن **پٽ** غُسل ڏيندو ته رِقت سان روئي روئي ۽ سنّتن جو خيال رکي ڏيندو جڏهن ته ڪاروباري غَسَّال تي سگهي توجيئن تيئن پاڻي وهائي، ڪفن پارائي، پيسا کيسي ۾ وجهي روانو ٿي ويجي.

## ميت تي رڙيون ڪرڻ جو عذاب

**هاڻي** جنازو کنيو ويندو، گهر جون عورتون رڙيون ڪنديون، واويلا ڪنديون، مان انهن کي ايئن ڪرڻ کان ڪڏهن به منع نه ڪيو هو ته ميّت تي روڄ راڙو حرام ۽ جهنّم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي، حديث پاڪ ۾ آهي: "ماتم ڪرڻ واريءَ جيڪڏهن

www.dawateislami.net

فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **مون تي درود شريف پڙهو الله تعاليٰ توهان تي رحمت موڪليندو-** (ابن عدي)

مرڻ کان پهريان توبهه نہ ڪئي تہ **قِيامت جي ڏينهن** اهڙي طرح اٿاري ويندي جو ان تي هڪ ڪُڙتو **قَطِران** (يعني هڪ قسم جي ڪؤنر) جو هوندو ۽ هڪ ڪُڙتو جَرَب (يعني خارش) جو .
(مسلم ص 465 حديث 934)

## جنازي تي ڪلهو ڏيڻ جو طريقو

بهرحال جنازو ڪٽي ماڻهوءَ پوندا، پُٽ شايد صحيح طريقي سان ڪلهو بہ نہ ڏئي سگهندو ڇو تہ مون ان کي سيکاريو ئي نہ هو! هن غريب کي ڪهڙي خبر تہ سنّت جي مطابق ڪلهو ڪيئن ڏيندا آهن؟ **جنازي کي ڪُلهو ڏيڻ جو طريقو** بہ پڙهي ڇڏيو، **دعوت اسلامي** جي اشاعتي اداري مکتبةُ المدينہ جي شايع ٿيل ڪتاب ”بهارِ شريعت“ جلد 1 صفحي822 تي آهي: **سنّت** هي آهي تہ لاڳيتو چئني پاوَن کي ڪلهو ڏي ۽ هر ڀيري ڏهہ ڏهہ قدم هلي ۽ پوري سنّت هي آهي تہ پهريان ساڄي پاسي سيرانديءَ کي ڪلهو ڏي پوءِ ساڄي پيرانديءَ کي پوءِ کابي پاسي سيرانديءَ کي پوءِ کابي پيرانديءَ کي ۽ ڏهہ ڏهہ قدم هلي تہ ڪُل چاليهہ قدم ٿيا.

## جنازي تي ڪلهو ڏيڻ جا فضائل

**حديثِ پاڪ** ۾ آهي: ”جيڪو جنازي کي چاليهہ قدم کڻي هلي ان جا چاليهہ ڪبيره گناهہ مٽايا ويندا.“ (المبسوط ج 1، جز 2، ص 88)

فرمانِ مُصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنھن مون تي ڏھ ڀيرا درود پاڪ پڙھيو الله تعاليٰ ان تي سؤ (100) رحمتون نازل فرمائي ٿو.** (طبراني)

ھڪ ٻي حديثِ مبارڪ ۾ آھي: ”جيڪو جنازي جي چئني پاوَن کي ڪُلھو ڏئي الله تعاليٰ ان جي حَتّمي (يعني يقيني) مغفرت فرمائي ڇڏيندو.“ (الجوھرة النيرة ج 1 ص 139)

آخر ڪار منھنجا ناز کڻڻ وارا پنھنجي ھٿن سان مون کي سوڙھي ۽ اونداھي قَبر ۾ لاھي مٿان مَٽ مٽي جا وجھي اڪيلو ڇڏي ھليا ايندا. آه!

يارسول اللہ! آکر قبر روشن کیجئے
ذات بے شک آپ کی تو منبع انوار ہے (وسائل بخشش شریف)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## قَبر جي روشنيءَ جو احساس نہ رھيو

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** دنيا ۾ رھڻ جي لاءِ گھر گھڻا وسيع ۽ ڪُشاده ٺاھيا ويندا آھن ليڪن افسوس! قَبر سنّت جي مطابق نہ ٿي ناھي وڃي،[1] گھرن جي ڪُشادگيءَ جو تہ خيال آھي پر قَبر جي ڪُشادگيءَ جو اسان کي ڪو احساس ناھي، دنيا جي روشن **مُستَقبِل** جو تہ ھر ڪنھن کي فڪر آھي پر قَبر جي روشنيءَ جو ڪنھن کي خيال ناھي، حالانڪہ ڏٺو وڃي تہ قَبر بہ مُستَقبِل ۾ شامل آھي. گھر ۾ روشنيءَ جو سيئي اھتمام ڪندا آھن پر

[1] مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل رسالي ”مدني وصيت نامو“ جو ضرور مطالعو فرمايو. ان جي آخر ۾ غسلِ ميت ۽ ڪفن دفن جا ضروري احڪام بہ درج آھن.

فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **توهان جتي بہ هجو مون تي درود پاڪ پڙهو توهان جو درود مون تائين پهچي ويندو آهي.** (طبراني)

قَبُر جي روشنيءَ جو ڪنهن کي فڪر آهي؟ مال وڏائڻ جي هر هڪ کي جُستجو آهي پر نيڪ عملن جي وڏائڻ جو ڪنهن کي فڪر ناهي! جان جي سلامتي جي لاءِ سڀ فڪر مند آهن پر ايمان جي سلامتيءَ جو شُعور تمام گهٽ تي ويو.

مال سلامت ہر کوئی مانگے دین سلامت کوئی ہو

## شِفا خريد نہ ٿي ڪري سگهجي

**ياد رکو!** دولت سان دوا تہ ملي سگهي ٿي پر شفا خريد نہ ٿي ڪري سگهجي. جيڪڏهن دولت سان شفا ملي سگهي ها تہ وڏن وڏن اميرن جا پٽ اسپتالن ۾ تڙپي تڙپي هرگز نہ مرن ها! دولت مُصيبتن ۽ پريشانين جو علاج ناهي. ان ۾ ڪوئي شڪ ناهي تہ حلال طريقي سان مال ۽ دولت ڪمائڻ ۽ اُن کي جَمَع ڪري رکڻ شَرعاً جائز آهي جڏهن تہ ان جا حُقوقِ واجبہ ادا ڪندو رهي. پر دولت جي گهڻائيءَ جو حِرص سٺي ڳالھ ناهي، ان جا منفي اثرات (Side Effects) تمام گهڻا آهن. دولت جي گهڻائي عُموماً گناهن جي طرف تمام تيزيءَ سان وٺي ويندي آهي ۽ اڄڪلھ تہ دولت جي گهڻائي اڪثر مصيبت جو پيش خيمو بڻجندي آهي. ڏاڍا گهڻي ياڳي مالدارن جي ٻارن جي ئي بنگلن تي لڳندا آهن. اڪثر مالدارن جا ئي پٽ اغوا ٿيندا آهن، ڏاڙيل ڇنيون موڪلي عام طور تي سرمائيدارن کان ئي ڳريون رقمون

فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **مون تي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهو بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت آهي-** (ابويعلي)

طلب ڪندا آهن. اڄڪلهه دولت جي ڪثرت سان سڪونِ قلب ملڻ ته نهيو گهٽڻ جو ويتر سڪون برباد ٿيندو آهي، پوءِ به حيرت آهي ته ماڻهو دولت جي جستجو ۾ پٽڪندا رهن ٿا ۽ حلال حرام ۾ فرق نه ٿا ڪن.

جُستجو میں کیوں پھریں مال کی مارے مارے
ہم تو سرکار کے ٹکڑوں پہ پلا کرتے ہیں

## مالداريون ۽ بيماريون

وڏا وڏا دولتمند ڏٺا آهن جيڪي طرح طرح جي پريشانين ۾ مبتلا آهن ڪو اولاد جي لاءِ تڙپندو آهي، ڪنهن جي ماءُ بيمار آهي، ڪنهن جو پيءُ **مريض** ته ڪو پاڻ مُوذي مرض ۾ گرفتار آهي، ڪيترائي مالدار اوهان کي ملندا جيڪي **”هارٽ اٽيڪ“** ۾ مبتلا آهن، ڪيئي **شُوگر** جي مرض ۾ مبتلا آهن ۽ ويچارا مني شيءِ نه ٿا کائي سگهن، قسم قسم جي کاڌي جون شيون سامهون موجود پر **اَرب پتي** سيٺ صاحب چکي ئي نه ٿا سگهن. بس ويچارا دولت ۽ جائداد جي خيال سان دل وندرائي سگهن ٿا، پوءِ به دولت جو نشو عجيب آهي جو لهڻ جو نالو ئي نه ٿو وٺي! يقين ڄاڻو! حلال ۽ حرام جي پرواهه ڪرڻ بغير دولت ڪمائيندو رهڻ صرف ۽ صرف نادان انسان جو شوق آهي، ايترو نه ٿو سوچي ته آخر ايتري دولت ڪيڏانهن

فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنھن مون تي ھڪ ڀيرو درود پاڪ پڙھيو الله تعاليٰ ان تي ڏھ رحمتون موڪليندو آھي.** (مسلم)

ڪندس؟ ڦُلاڻو ڦُلاڻو سرمائيدار به ته آخر موت جي منھن چڙھي ويو! ان جي دولت ان ڪي ڪھڙي ڪم آئي؟ اُلٽو ٿيو ايئن جو وارثن ۾ ملڪيت جي تقسيم ۾ لڙايون شروع ٿي ويون، دشمنيون ٿي ويون، ڪورٽن ۾ پھچي ويا ۽ اخبارن ۾ ڇَپجي ويو ۽ خانداني شرافتن جا انداز چڙو چڙ ٿي ويا.

دولتِ دنیا کے پیچھے تُو نہ جا
آخِرت میں مال کا ہے کام کیا!

مالِ دنیا دوجہاں میں ہے وَبال
کام آئے گا نہ پیشِ ذوالجلال

## قَبر جا سُوال ۽ جواب

**مٺاٺا اسلامي ڀائرو!** ڪڏھن ڪڏھن ھن طرح سوچيو! ته منھنجو لاشو مڻ مٽيءَ ھيٺ قَبر ۾ دفن ڪري مٺ مائٹ ھليا ويندا. ھي وڻندڙ باغ، سر سبز فصل، نئين ماڊل جون چمڪندڙ گاڏيون، عاليشان بنگلا وغيره ڪجھ به ڪم نه ايندو. به خوفناڪ شڪلن وارا فِرشتا **مُنڪَر نَڪِير** قَبر جون ديوارون چيريندي تشريف وٺي ايندا، وڏا وڏا ڪارا وار مٿي کان پيرن تائين لڙڪي رھيا ھوندا. اکيون باھ وسائي رھيون ھونديون. ھاڻي امتحان شروع ٿيندو، پيار سان نه پر اھي جِھڙڪ ڏئي اٿاريندا ۽ انتھائي سخت لھجي ۾ سوال فرمائيندا. (1) مَنْ رَّبُّكَ؟ يعني تنھنجو

فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعالٰى ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي.** (مسلم)

رب ڪير آهي؟ (2) مَا دِيۡنُكَ؟ يعني تنهنجو دين ڪهڙو آهي؟ (3) پوءِ هڪ سهڻي صورت ڏيکاري ويندي جنهن تي فِدا ٿيڻ جي لاءِ هر عاشق تڙپندو آهي اها دلرُبا صورت ڏيکاري پڇيو ويندو. مَا كُنۡتَ تَقُوۡلُ فِيۡ هٰذَا الرَّجُل؟ يعني هن جي باري ۾ تون ڇا چوندو هئين؟ اي نَمازيو! اي والدين جا فرمانبردارؤ! اي رشتيدارن سان حُسن سلوڪ ڪرڻ وارؤ! اي صرف حلال روزي ڪمائڻ وارؤ! اي هڪ مُٺ ڏاڙهي سجائڻ وارؤ! اي مٿي تي سنّت جي مطابق زلفون رکڻ وارؤ! اي پنهنجي مٿي تي عمامي شريف جو تاج سجائڻ وارؤ! اي سنّت جي تربيت جي لاءِ **مَدَني قافِلن** ۾ سفر ڪرڻ وارؤ! اي روزانه **فڪرِ مدينه** جي ذريعي **مَدَني انعامات** جو رسالو پري جمع ڪرائڻ وارؤ! اِنۡ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ توهان ضرور ڪامياب ٿيندؤ. خدا عَزَّوَجَلَّ ۽ مصطفٰى صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ڪرم سان اوهان جا جواب هي هوندا رَبِّيَ الله يعني: منهنجو رب الله عَزَّوَجَلَّ آهي. دِيۡنِيَ الۡاِسۡلَامُ يعني: منهنجو دين اسلام آهي. دلرُبا صورت جي طرف اشارو ڪري چوندؤ، هُوَ رَسُوۡلُ الله هي ته منهنجا منا منا آقا مُحمد رسول الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهن ۽ جهومي جهومي چئي رهيا هوندؤ.

سرکار کی آمد مرحبا صَلَّى الله تَعَالٰى عليه وَاٰله وَسلّم
دِلدار کی آمد مرحبا صَلَّى الله تَعَالٰى عليه وَاٰله وَسلّم

فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **مون تي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهو بيشڪ توهان جو مون تي درود پڙهڻ توهان جي گناهن جي لاءِ مغفرت آهي.** (جامع صغير)

قبر میں سرکار آئیں تو میں قدموں میں گروں
گر فرشتے بھی اٹھائیں تو میں ان سے یوں کہوں

اِنکے پائے ناز سے میں اے فِرِشتو! کیوں اُٹھوں
مر کے پہنچا ہوں یہاں اِس دلرُبا کے واسطے

اي صلاة وسلام تي جهومڻ وارؤ! **مُحمّد** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو اسمِ مبارڪ ٻڌي آگوٺا چمڻ وارؤ! جڏهن سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جلوو ڏيکاري واپس تشريف تيڻ لڳندا تہ بيقرار تي زبان تي خُود بَخود جاري ٿي ويندو.

دل بھی پیاسا نظر بھی ہے پیاسی — کیا ہے ایسی بھی جانے کی جلدی
ٹھہرو ٹھہرو ذرا جانِ عالم! — ہم نے جی بھر کے دیکھا نہیں ہے

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** آخِري سُوال جو جواب ڏيڻ کانپوءِ جهنّم جي دري کلندي ۽ فورًا بند ٿي ويندي ۽ جنّت جي دري کلندي ۽ چيو ويندو، جيڪڏهن تون درست جواب نہ ڏين ها تہ تنهنجي لاءِ اها دوزخ جي دري هئي. هي ٻڌي ان کي تمام گهڻي خوشي ٿيندي، هاڻي جنّتي ڪفن هوندو، جنّتي بسترو هوندو، قَبر نظر جي حد تائين وسيع ٿيندي ۽ مزا ئي مزا هوندا.

قبر میں لہرائیں گے تا حشر چشمے نور کے
جلوہ فرما ہوگی جب طلعت رسول اللہ کی (حدائق بخشش)

www.dawateislami.net

فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **مون تي درود شريف پڙهو الله تعاليٰ توهان تي رحمت موڪليندو-** (ابن عدي)

# قَبر جي جوابن ۾ ناڪامي جا سبب

**خدانخواسته** جيڪڏهن نمازون ضايع ڪندا رهياسين، ڪوڙ ڳالهائيندا رهياسين، غيبت ڪندا رهياسين، حرام روزي ڪمائيندا رهياسين، فلمون ڊراما ڏسندا ڏيکاريندا ۽ گانا باجا ٻڌندا ٻڌرائيندا رهياسين، مسلمانن جي دل ڏکائيندا رهياسين، جيڪڏهن رب عَزَّوَجَلَّ ناراض ٿي ويو ۽ سندس محبوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم رُسي ويا، جيڪڏهن گناهن جي نحوست جي سبب معاذالله عَزَّوَجَلَّ ايمان برباد ٿي ويو ته پوءِ هر سُوال تي وات مان اهو ئي نڪرندو. هَيْهَاتَ هَيْهَاتَ لَا اَدرِی (هاءِ افسوس! هاءِ افسوس! مون کي ته ڪجهه ناهي معلوم) هاءِ! هاءِ! جڏهن ڪان اک کلي .T.V تي نظر هئي، جڏهن ڪان ڪنن ٻڌو ته فلمي گانا ئي ٻڌا، مون کي ڇا خبر خدا عَزَّوَجَلَّ ڇا آهي؟ مون کي ڇا معلوم دين ڇا آهي؟ مان ته دنيا ۾ پنهنجي آمد جو مقصد صرف ان کي سمجهندو هوس جو بس جيئڻ به ٿئي مال ڪمايان ۽ گهر واري ۽ ٻار ٻچن جو پيٽ پاليان. جيڪڏهن ڪنهن مون کي منهنجي آخرت جي ڀلائي جي خاطر سنّتن ڀري **اجتماع** ۾ شرڪت يا **مَدَني قافِلي** ۾ سفر جي دعوت ڏني به ته اهو چئي ٽاري ڇڏيندو هُوَس ته سڄو ڏينهن ڪم ڪري ٿڪجي پوندو آهيان، وقت ئي نه ٿو ملي. اسلامي ڀائرو! جيئري ته هي جواب هلندو رهندو، ڪاروبار چمڪندو رهندو، ۽ بئنڪ بئلنس وڌندو رهندو ليڪن ياد رکو!

www.dawateislami.net

فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي ڏهه ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ (100) رحمتون نازل فرمائي ٿو.** (طبراني)

سیٹھ جی کو فکر تھی اِک اِک کے دس دس کیجئے
موت آ پہنچی کہ مسٹر! جان واپَس کیجئے

**بهرحال** جنهن جو ايمان برباد ٿي چڪو هو ان ڪان آخري سُوال ڪرڻ ڪان پوءِ جنّت جي دري کلندي ۽ فوراً بند ٿي ويندي پوءِ جهنّم جي دري کلندي ۽ چيو ويندو جيڪڏهن تون درست جواب ڏين ها ته تنهنجي لاءِ اها جنّت جي دري هئي. هي ٻڌي ان کي تمام گهڻي حسرت ٿيندي، جهنّم جي طرف دروازي ڪان ان کي گرمي ۽ شُعلا پهچندا، ان کي باهه جو لباس پارايو ويندو، ان جي لاءِ باهه جو بسترو وڇايو ويندو، ان کي عذاب ڏيڻ جي لاءِ ٻه فِرِشتا مقرر هوندا، جيڪي انڌا ۽ ٻوڙا هوندا، انهن وٽ لوهه جو گُرز (هٿوڙو) هوندو جو جيڪڏهن جَبل تي هنيو وڃي ته خاڪ ٿي وڃي، اُن هٿوڙي سان ان کي ماريندا رهندا. ۽ پڻ نانگ ۽ وڇون ان کي عذاب پهچائيندا رهندا ۽ عَمَل پنهنجي مُناسب شڪل اختيار ڪري ڪتّا يا بگهڙ ۽ ٻيون شڪليون ان کي ايذاءُ پهچائيندا رهندا. (بهار شريعت ج 1 ص 110-111)

آج مچھّر کا بھی ڈنک آہ! سہا جاتا نہیں
قَبر میں بچھّو کے ڈنک کیسے سہے گا بھائی؟

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** دنيا جي دولت کي پنهنجو سڀ ڪجهه سمجهي ويهڻ عقلمندي ناهي، هي يادِ الٰهي ڪان غفلت

فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **توهان جتي به هجو مون تي درود پاڪ پڙهو توهان جو درود مون تائين پهچي ويندو آهي.** (طبراني)

جو سبب نہ بڻجڻ کپي الله عَزَّوَجَلَّ ايمان وارن کي تنبيھ ڪندي سيپاري 28 سورة المنافقون جي آيت نمبر 9 ۾ ارشاد فرمائي ٿو.

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تُلْهِكُمْ اَمْوَالُكُمْ وَلَاۤ اَوْلَادُكُمْ عَنْ ذِكْرِ اللّٰهِ ۚ

**ترجمو ڪنزالايمان:** اي ايمان وارؤ! توهان کي غافل نہ ڪري توهان جو مال نہ توهان جي اولاد ڪا بہ شيءِ الله عَزَّوَجَلَّ جي ذڪر کان غافل نہ ڪري.

## هي نہ چئجو تہ ڪوئي سمجهائڻ وارو نہ مليو

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** حلال رِزق جي طلب ۾ هرگز اهڙي مصروفيت نہ رکو جيڪا نمازن کان غافل ڪري ڇڏي، جيڪڏهن خدانخواستہ حرام روزي ۽ وياج واري ڪاروبار جو سلسلو هجي تہ ان کي ڇڏي ڏيو، رشوت جي ڏيتي ليتي ترڪ ڪري ڇڏيو، **ياد رکو!** مرڻ کان پوءِ هي نہ چئجو تہ اسان کي ڪو سمجهائڻ وارو نہ مليو هو. طرح طرح جي گناهن ۾ مست رهڻ وارن کي ڊڄڻ گهرجي! جو جيڪڏهن گناهن جي سبب ايمان برباد ٿي ويو تہ ڇا ٿيندو!... الله عَزَّوَجَلَّ سيپاري 24 سورة الزمر آيت نمبر 54 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

وَ اَنِيْبُوْۤا اِلٰى رَبِّكُمْ وَ اَسْلِمُوْا لَهٗ مِنْ قَبْلِ اَنْ يَّاْتِيَكُمُ الْعَذَابُ ثُمَّ لَا تُنْصَرُوْنَ ﴿۵۴﴾

**ترجمو ڪنزلايمان:** ۽ پنهنجي رب جي طرف رجوع ڪريو ۽ ان جي حضور ڪنڌ جهڪايو هن کان پهريان جو توهان تي عذاب اچي پوءِ توهان جي مدد نہ ٿئي.

فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: مون تي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهو بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت آهي- (ابو يعلي)

يا الٰهی مرا ایمان سلامت رکھنا
دونوں عالَم میں خدا سایہ رحمت رکھنا

## اسان ننڍا ٿيندا ٿا وڃون

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** زندگي تي ڪهڙو ڀروسو! توهان جي صحت لک ڀيرا سٺي هجي پر ڇا توهان نہ ٿا ڄاڻو تہ اوچتو **زلزلو** اچي ويندو آهي يا بسون، ڪاريون ۽ ٽرينون اونڌيون ٿي وينديون آهن يا اوچتو **بم ڌماڪو** ٿيندو آهي ۽ لاشن جا ڍير لڳي ويندا آهن ۽ جيڪڏهن فضا ۾ **جهاز تباهہ** ٿي پوي تہ لاشن کي سڃاڻڻ بہ ڏکيو ٿي ويندو آهي، عهدو ۽ مَنْصب ڪجهہ بہ ڪم ناهي ايندو، ماڻهو هڪ جهٽڪي ۾ مري ويندو آهي، هي انمول ساهہ جلدي جلدي نڪري رهيا آهن، جيڪو هڪ ڀيرو نڪري ويو واپس ناهي ايندو، يقينًا هر ساهہ موت ڏانهن هڪ قدم آهي، توهان چوندا آهيو تہ منهنجي پٽ جي ٻارهين سالگرهہ آهي، سمجهو ٿا تہ وڏو ٿي ويو آهي، حقيقت هي آهي تہ اوهان جو پٽ وڏو نہ ننڍو ٿيندو ٿو وڃي، مثلاً ان کي دنيا ۾ 25 سال رهڻو هو تہ انهن مان 12 سال گهٽ ٿي ويا، ڇڻ هو اڌ زندگي گذاري چڪو، يقينًا اسان سڀ آهستي آهستي موت جي ويجهو ٿيندا پيا وڃون. اسان سڀني جي عُمر گهٽجندي پئي وڃي ائين اسان وڏا نہ ”ننڍا“ ٿيندا پيا وڃون، گهڙيءَ جي گذرڻ وارو هر ڪلاڪ اسان جي عمر جي هڪ ڪلاڪ جي گهٽ ٿيڻ جو اطلاع ڏئي ٿو.

فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **جيڪو مون تي درود پاڪ پڙهڻ وساري ويٺو اهو جنّت جو رستو ڀُلجي ويو.** (طبراني)

غافل تجھے گھڑیال یہ دیتا ہے مُنادی
گردُوں نے گھڑی عمر کی اِک اور گھٹادی

## دنياوي امتحان جي اَهَمِيت

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** قَبر جي امتحان کان گذرندي قيامت **جي امتحان** سان واسطو پَوِڻو آهي. افسوس! اسان وٽ ان جي ڪا به تياري ناهي. ها! ملازمت جي خاطر انٽرويو ۾ ڪاميابي حاصل ڪرڻ جي لاءِ، پڻ اسڪول يا ڪاليج جي امتحان ۾ پاس ٿيڻ جي لاءِ ڏنهن چوٽيءَ جو زور لڳايو ويندو آهي. هن چوٽيءَ مطابق "مَن جَدَّ وَجَدَ" يعني: **"جنهن ڪوشش ڪئي انهيءَ حاصل ڪيو"** جي قول مطابق جيڪڏهن صرف دنياوي امتحانن جي لاءِ ڪوشش ڪئي به ته ٿي سگهي ٿو دنيا ۾ عارضي خوشيون نصيب ٿي وڃن، پر **قيامت جي امتحان** جو ڇا ٿيندو! يقينًا هڪ ڏينهن مرڻو ۽ **قَبر ۽ قيامت جي امتحانن** کان گذرڻو آهي انهن امتحانن ۾ نه ڌوڪو هلندو، نه ئي رشوت هلندي، ٻيهر موقعو به نه ملندو، هي سڀ ڄاڻڻ جي باوجود ماڻهن جي دُنيوِي اِمتحان جي طرف ته توجّه آهي پر **قيامت جي امتحان** کان سراسر غفلت آهي. دنيا جي امتحان جي لاءِ ته اڄڪلهه شاگرد سڄي رات پڙهندا آهن، ننڊ اچي ته ننڊ ڦٽائيندڙ (Anti Sleeping) گوريون کائي به جاڳندا ۽ امتحان جي تياري

فرمانِ مُصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي.** (مسلم)

ڪندا آهن. پر ڇا ڪڏهن **قيامت جي امتحان** جي لاءِ به اسان مان ڪنهن ڪڏهن رات جاڳي عبادت ۾ گذاري؟ دنيا جي امتحان ۾ ڪاميابي جي لاءِ پابندي سان روزانو اسڪول ۽ ڪاليج جو رخ ڪندا آهن، ڇا قيامت جي امتحان ۾ به ڪاميابيءَ جي لاءِ صرف هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع ۾ شرڪت ڪندا آهن؟ دنيا جي امتحان جي تياري جي لاءِ ٽيوٽر (ٽيوشن ڏيندڙ) جون خدمتون حاصل ڪندا آهن، ڪي اڪيڊمي يا ٽيوشن سينٽر جُوائن (Join) ڪندا آهن، ڇا **قِيامت جي امتحان** جي تياري جي لاءِ سنّتن ڀريو مدني ماحول ۽ عاشقانِ رسول جي صُحبت اختيار ڪئي؟ دُنيوِي ترقّي جي لاءِ اعلٰي تعليم (Higher Education) حاصل ڪرڻ جي لاءِ ٻين شهرن بلڪ ٻين ملڪن تائين جو سفر اختيار ڪندا آهن، ڇا **قِيامت جي امتحان** جي تياري جي لاءِ به ڪڏهن **دعوتِ اسلامي** جي سُنّتن جي تربيت جي **مَدَني قافِلي** ۾ سفر ڪيو؟ ته اي صرف دنيا جي امتحان جي لاءِ ئي ڪوشش ڪرڻ وارا اسلامي ڀائرو! **قِيامت جي امتحان** جي به تياري شروع ڪري ڏيو جنهن ۾ ڪامياب ٿيڻ وارو **جنّت** جون هميشه رهڻ واريون نعمتون حاصل ڪندو جڏهن ته ان ۾ ناڪام ٿيڻ وارو جهنّم جي باهه ۾ ساڙيو ويندو. **قِيامت جي امتحان** جي تياري ۾ آساني جي لاءِ **دعوتِ اسلامي** جي هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع ۾ لازِمي شرڪت ڪريو، پنهنجي علائقي ۾ رات جو مدرَسةُ

www.dawateislami.net

فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام درودِ پاڪ پڙهيو ان کي قيامت جي ڏينهن منهنجي شفاعت ملندي.** (مجمع الزوائد)

المدينة (براءِ بالغان) ۾ قرآنِ پاڪ مفت سکو ۽ هر مهيني عاشِقانِ رسول سان گڏ گهٽ ۾ گهٽ ٽن ڏينهن جي **مَدَني قافِلي** ۾ سنّتن ڀريو سفر ڪريو ۽ روزانو فڪرِ مدينه ڪري **مَدَني انعامات** جو رسالو ڀري ڪري هر مَدَني مهيني جي 10 تاريخ جي اندراندر پنهنجي علائقي جي ذميدار کي جمع ڪرايو. **دعوتِ اسلامي جي مَدَني قافِلن ۾ سفر ۽ مَدَني انعامات جو رسالو ڀري ڪري هر مهيني جَمَع ڪرائڻ** اِنْ شَآءَاللہ عَزَّوَجَلَّ **توهان جي لاءِ قيامت جي امتحان ۾ ڪاميابي جو ذريعو بڻجندو.**

لوٹنے رحمتیں قافِلے میں چلو　　پاؤ گے برکتیں قافِلے میں چلو
ہوں گی حل مشکلیں قافِلے میں چلو　　دور ہوں آفتیں قافِلے میں چلو

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** بيان جي آخر ۾ سنّت جي فضيلت ۽ ڪجهه سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو. تاجدار رسالت شهنشاهِ نبوت مصطفٰي جان رحمت شمع بزم هدايت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ جنّت نشان آهي: ”جنهن منهنجي سنّت سان مَحَبَّت ڪئي ان مون سان مَحَبَّت ڪئي. ۽ جنهن مون سان مَحَبَّت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو“. (ابن عساکر، ج 9، ص 343)

سینہ تری سنّت کا مدینہ بنے آقا
جنّت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب!　　صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن ڪتاب ۾ مون تي درودِ پاڪ لکيو تہ جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو فرشتا ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا. (طبراني)

## ”راهِ مدينہ جو مسافر“ جي 15 حرفن جي نسبت سان پاڙيسري جا 15 مدني گل

8 فرمانِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم:

1. الله عَزَّوَجَلَّ نيڪ مسلمان جي سبب ان جي پاڙي جي 100 گهرن کان بلا دور فرمائيندو آهي. پوءِ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن هي آيت تلاوت فرمائي:

وَلَوْلَا دَفْعُ اللّٰهِ النَّاسَ بَعْضَهُمْ بِبَعْضٍ لَّفَسَدَتِ الْاَرْضُ

ترجموڪنزالايمان: ۽ جيڪڏهن الله ماڻهن ۾ هڪڙن سان ٻين کي دفع نہ ڪري تہ ضرور زمين تباهہ ٿي وڃي ها.

(پ 2، البقرة:251) (مجمع الزوائد، ج 8، ص 299، حديث 13533)

2. الله تعالٰي جي ويجهو بهترين پاڙي وارو اهو آهي جيڪو پنهنجي پاڙيسرين جو خيرخواهہ هجي.

(تِرمذي ج 3، ص 379، حديث 1951)

3. اهو جنّت ۾ نہ ويندو جنهن جو پاڙيسري هن جي آفتن کان امن ۾ نہ هجي. (مُسلم ص 43، حديث 46)

4. اهو مؤمن ناهي جو پاڻ پيٽ ڀري کائي ۽ ان جو پاڙيسري ان جي پر ۾ بکيو رهي (شُعب الايمان ج 3، ص 225، حديث 3389) يعني ڪامل مؤمن ناهي .

فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جيڪو مون تي جمعہ جي ڏينهن درود شريف پڙهندو قيامت جي ڏينهن مان ان جي شفاعت ڪندس.**(ڪنز العمال)

.5 جنهن پنهنجي پاڙيسري کي تڪليف ڏني ان مون کي تڪليف ڏني جنهن مون کي تڪليف ڏني ان اللهعَزَّوَجَلَّ کي تڪليف ڏني. (التَّرغيب والتَّر هيب ج 3، ص241، حديث 13)

.6 جبرئيل عَلَيْهِ السَّلَام مون کي پاڙيسرين جي متعلق برابر وصيّت ڪندو رهيو، ايستائين جو مون کي گمان ٿيو تہ پاڙيسري کي وارث بڻائي ڇڏيندا. (بُخاري ج 4، ص 104، حديث 6014 )

.7 جيڪو شخص الله ۽ آخرت جي ڏينهن تي ايمان رکندو آهي، ان کي کپي تہ پنهنجي پاڙيسرين سان سٺي سلوڪ سان پيش اچي. (مُسلِم ص 44، حديث 48)

.8 40 گهر پاڙيسري آهن. (مراسيل ابي داود، ص 16) حضرت سَيدُنا امام زُهري عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِي فرمائن ٿا ان مان چئني طرفن جا چاليهہ چاليهہ گهر مراد آهن. (ايضاً) ”نُزهةُ القاري“ ۾ آهي: پاڙيسري ڪير آهي ان کي هر شخص پنهنجي عُرف ۽ معاملي مان سمجهندو آهي. (نُزهة القاري ج 5، ص 568)

❁ حُجَّةُ الاسلام حضرتِ سَيِّدُنا امام محمد بن محمد بن محمد غزالي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْوَالِي فرمائن ٿا پاڙيسرين جي حقوق مان هي بہ آهي تہ ان کي سلام ڪرڻ ۾ پهل ڪري ان سان وڏي گفتگو نہ ڪري ان جي حالات جي باري ۾ زياده پڇا ڳاڇا نہ

فرمانِ مُصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نه پڙهي ته اهو ماڻهن ۾ ڪنجوس ترين شخص آهي.** (ترغيب وترهيب)

ڪري، هو بيمار هجي ته ان جي طبيعت معلوم ڪري، مصيبت جي وقت ان جي غمخواري ڪري ۽ ان جو ساٿ ڏي، خوشي جي موقعي تي ان کي مبارڪ ڏي ۽ ان جي خوشي ۾ شريڪ ٿئي، ان جي غلطين کي معاف ڪري، ڇت تان ان جي گهر ۾ نه جهانڪي، ان جي گهر جو رستو سوڙهو نه ڪري هو، اهو پنهنجي گهر ۾ جيڪو ڪجهه کڻي وڃي پيو ان کي ڏسڻ جي ڪوشش نه ڪري، ان جي عيبن تي پردو رکي، جيڪڏهن هو ڪنهن حادثي يا تڪليف جو شڪار ٿئي ته فوري طور تي ان جي مدد ڪري, جڏهن هو گهر ۾ موجود نه هجي ته ان جي گهر جي حفاظت ۾ غفلت نه ڪري، اُن جي خلاف ڪا ڳالهه نه ٻُڌي ۽ ان جي گهر وارن کان نگاهون جهڪائي رکي، اُن جي ٻارن سان نرمي سان ڳالهائي،ان کي جنهن ديني يا دُنياوي مُعاملن جو عِلم نه هجي انهن جي باري ۾ ان جي رهنمائي ڪري.

(اِحْياءُ الْعُلوم ج 2، ص 267، مُلَخّصاً)

❁ حضرتِ سَيِّدُنا عبدالله بن مسعود رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي خدمت ۾ هڪ شخص عرض ڪيو: منهنجو پاڙيسري مون کي اذيّت ڏيندو آهي، مون کي گاريون ڏيندو آهي ۽ مون تي سختي ڪندو آهي. فرمايائون: جيڪڏهن اُن تنهنجي باري ۾ **الله**

جي نافرماني ڪئي آهي تہ تون ان جي باري ۾ **الله** جي اطاعت ڪر. (ايضاً 266)

❁ هڪ بُزُرگ جي گهر ۾ تمام گهڻا ڪُوئا هئا. ڪنهن عرض ڪيو: حضرت! جيڪڏهن اوهان بِلّي پاليو تہ بهتر آهي. فرمايائون: مون کي ڊپ آهي تہ بلّي جو آواز ٻُڌي ڪري ڪُوئو پاڙيسري جي گهر ۾ نہ هليو وڃي، اهڙي طرح مان اُن جي لاءِ اُها ڳالهہ پسند ڪرڻ وارو ٿيندس جيڪا مان پاڻ پنهنجي لاءِ پسند نہ ٿو ڪيان (ايضاً 267)

❁ مَنقول آهي: فقير پاڙيسري قِيامت جي ڏينهن مالدار پاڙيسري جو دامن پڪڙي چوندو: اي منهنجا رب! هن کان پُڇ، هن مون کي پنهنجي حُسنِ سُلوڪ کان ڇو محروم ڪيو ۽ مون تي پنهنجو دروازو ڇو بند ڪيو؟ (ايضاً)

❁ هڪ شخص عرض ڪيو، يا **رسولَ الله** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! فُلاڻي عورت جي لاءِ چيو ويندو آهي تہ نماز ۽ روزو ۽ صَدَقو ڪثرت سان ڪندي آهي پر هي ڳالهہ بہ آهي تہ اُها پنهنجي پاڙيسرين کي زبان سان تڪليف پهچائيندي آهي، فرمايائون: اُها جهنّم ۾ آهي. انهن عرض ڪيو: يا رسُولَ

www.dawateislami.net

فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **مون تي درود شريف پڙهو الله تعاليٰ توهان تي رحمت موڪليندو-** (ابن عدي)

**الله** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فُلاڻي عورت جي لاءِ وڏيڪ چيو ويندو آهي تہ ان جي (نفلي) روزن ۽ صَدَقي ۽ نماز ۾ ڪمي آهي، اها پَنير (هڪ قسم جو ڪاڌي) جا ٽُڪرا صَدَقو ڪندي آهي ۽ پنهنجي زبان سان پاڙيسرين کي ايذاء ناهي ڏيندي، فرمايائون: اها جنّت ۾ آهي. (مُسنَدِ امام احمد ج 3، ص 441، حديث 9681 )

❁ **فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پاڙيسري ٽِن قسمن جا آهن: ڪن جا ٽي حق آهن، ڪن جا ٻہ ۽ ڪن جو هڪ حق آهي، جيڪو پاڙيسري مسلمان ۽ رشتيدار هجي، ان جا ٽي حق آهن: پاڙي جو حق، اسلام جو حق ۽ رشتيداري جو حق، مسلمان پاڙيسري جا ٻہ حق آهن: پاڙي جو حق ۽ اسلام جو حق ۽ ڪافر پاڙيسري جو صرف هڪ پاڙي جو حق آهي.

(شُعبُ الايمان ج 7، ص 83، حديث 9560)

❁ حضرتِ سيِّدُنا با يزيد **بِسطامي** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جو پاڙيسري باهه جو پوڄاري هو. يهُودي پاڙيسري سفر ۾ ويو، ان جا ٻار ٻچا گهر ۾ رهيا، رات جو يهودي جو ٻار روئندو هيو. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه پڇيو: ٻار ڇو روئندو آهي؟ يهودڻ چيو: گهر ۾ ڏيئو ڪونهي، ٻار اونده ۾ ڊڄندو آهي. ان ڏينهن کان پاڻ روزانو ڏيئي ۾ خوب تيل ڀري روشن ڪري يهودي

فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي ڏھ ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ (100) رحمتون نازل فرمائي ٿو-** (طبراني)

جي گهر موڪلي ڇڏيندا هئا. جڏهن يهودي واپس آيو ته ان جي زال اهو واقعو ٻڌايو. يهودي چيو: جنهن گهر ۾ با يزيد جو ڏيئواڇي ويو اتي اونده ڇو هجي! اهي سڀ مسلمان ٿي ويا. (مراٰة ج 6، ص 573، تذکرة الاولياء، الجزء الاوّل، ص 142)

**هزارين سنّتون** سکڻ جي لاءِ **مكتبةُ المدينه** جا شايع ٿيل ٻه ڪتاب (1) 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "**بهارِ شريعت**" حصو 16 ۽ (2) 120 صفحن تي مشتمل ڪتاب "سنّتيں اور آداب" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنّتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو **دعوتِ اسلامي** جي **مَدَني قافِلن** ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر به آهي.

لوٹنے رحمتیں قافلے میں چلو سیکھنے سنّتیں قافلے میں چلو
ہوں گی حل مشکلیں قافلے میں چلو ختم ہوں شامتیں قافلے میں چلو

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

